مهراڻ سيريز

نئين نصاب مطابق

مهراڻ

# درسي
# سنڌي ڪتاب

پنجين ڪلاس لاءِ

## ۽ ورڪ بُڪ
## سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن سان گڏ

ليکڪ

**شيخ نديم تصور**

M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed.

®
زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي

SCIENCE PUBLICATIONS

# انتباهہ

هن ڪتاب جا مڪمل حق پبلشر وٽ محفوظ آهن.
هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي جي مڪمل طور تي جزوي لحاظ سان نقل ڪرڻ واري جي خلاف ڪاپي رائيٽ ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ناشر

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي®

ٽريڊ مارڪ (مهراڻ سيريز) رجسٽرڊ

قانوني مشير

ذوالفقار علي شيخ

| | |
|---|---|
| ڪتاب | مهراڻ سنڌي درسي ڪتاب |
| ليکڪ | شيخ نديم تصور<br>M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed: |
| معاون | وڪيل گل M.A (Sindhi), B.Ed: |
| ڪمپوزنگ | عمران ميراڻي ۽ عديل احمد دايو |
| ڊزائيننگ | آصف ڪمپوزرس لکي |
| پبلشرز | زمزم سائنس پبليڪيشنز |

## اسٽاڪسٽ

نيو مهراڻ بُڪ اسٽور — نم جي چاڙهي سکر — 071-5626093

مهراڻ بُڪ سينٽر — شاهي بازار سکر — 071-5624790, 071-5627774

سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر جي سيني دڪانن تي بارعايت دستياب آهي.

# فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | تون حبيب تون طبيب | 05 |
| 02 | پورهئي جي اهميت | 08 |
| 03 | نعتِ رسول ﷺ | 12 |
| 04 | سيدة النساء جو ڏاج | 15 |
| 05 | حضرت عثمان غني رضي الله عنه | 19 |
| 06 | انجام پاڻ | 23 |
| 07 | ٻارن لاءِ صبح جي دعا | 26 |
| 08 | دودو سومرو | 30 |
| 09 | سائي | 34 |
| 10 | سُر سارنگ | 38 |
| 11 | البيروني | 41 |
| 12 | داناءُ هاري | 45 |
| 13 | بهار | 49 |
| 14 | گڏيل قومن جو ادارو | 52 |
| 15 | نظارا وطن جا | 56 |
| 16 | تربيلا ڊئم | 60 |
| 17 | صوفي شاهه عنايت شهيد رحمة الله عليه جو ميلو | 64 |
| 18 | اچو تہ پنهنجو ڳوٺ سنواريون | 68 |
| 19 | لوهار | 72 |
| 20 | صحبت جو اثر | 75 |
| 21 | اسٽيل مل | 78 |

# فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 22 | پنهوارن جي پريت | 82 |
| 23 | ڏک سکن جي سونهن | 86 |
| 24 | سچا سپنا | 90 |
| 25 | پيارا وطن | 94 |
| 26 | پنيور | 97 |
| 27 | قدم وڌائي اڳتي هل | 101 |



Colourbox

سبق 1

# تون حبيب تون طبيب



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حَبيبُ | دوست | | |
| طِبيبُ | حڪيم | | |
| جي | جان | | |
| اَنواع | طرح طرح | دارُون | دوا |
| تَنوارُون | يادگيرون | ڪارُون | حيلا، وسيلا |
| ٻُڪِي | خريدار | ٻِئَنئُون | ٻئي جاءِ تان |
| وارِئون | | ڏَنِ | هيٽن |
| ڏَپُ | گاھ | وارِئو | |
| ويجَ | حڪيم | وِهاريين | |
| ڦڪيُون | ڪٽيل دوا | ڦَرَقُ | جدا/ الڳ |
| ڏاتر | داتا، الله | اَمر | حڪم |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحب ڏي شفاءِ ميان مريضن کي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه فرمائي ٿو ته

تون دوست آهين، تون حڪيم آهين، تون تڪليف ۽ ڏک جو علاج آهين، منهنجي جيءَ ۾ طرحين طرحين آزار آهن، شل! الله تعاليٰ پنهنجي ٻاجھ سان مريضن کي شفاء ڏي.

بيت:

تُون حَبيبُ تُون طَبيبُ، تُون درد جو دارون،
دوا آهن دل کي، تُنهنجون تَنوارُون،
ڪريان ٿي ڪارون، جئن ٻُڪي ٻِئنئون نہ ٿئي.

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ فرمائي ٿو تہ تون منهنجو دلي دوست آهين ۽ منهنجي بيمارين جو علاج آهين. تنهنجون يادگيريون منهنجي دل لاءِ دوا آهن ان لاءِ دانهون ڪري ٿي ڪريان جيئن ٻين کان منهنجو علاج نہ ٿئي.

بيت:

تُون حَبيبُ تُون طَبيبُ، تُون هي ڏِنَن ڏَبُ،
تُون ڏيين، تُون لاهيين، تُنهم هادي رَبُ،
آهم اي ءُ عَجَبُ، جِئن وارئو ويجَ وِهاريين.

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ تون منهنجي دل جو دوست، هيڻن جو مرض دور ڪندڙ ۽ دوا آهين. تون جيڪي تڪليفون ڏين ٿو اهي تون ئي لاهين ٿو. تون ئي هادي ۽ رب آهين. مان حيران آهيان تہ تنهنجي حڪم کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ٿو ٿئي.

بيت:

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ تُون دَارُون ڪي دردن،
تُون ڏيين، تُون لاهيين، ڏاتر! ڪي ڏُکندَن،
تڏهن ڦڪيون فرقُ ڪن، جڏهن امر ڪرهو ان ڪي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ تون ئي منهنجي دل جو دوست آهين ۽ تون ئي منهنجي غمن جو علاج آهين. ڏکندن کي ڏک تون ئي ڏين ٿو ۽ تون ئي لاهين ٿو. ڦڪيون بہ تڏهن فائدو ڪنديون، جڏهن انهن کي تنهنجو (الله جو) حڪم ٿيندو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. مريضن کي شفا ڏيندڙ ڪير آهي؟

ج. مريضن کي شفا ڏيندڙ الله تعاليٰ آهي.

2. ڦڪيون ڪڏهن فرق ڪنديون آهن؟

ج. ڦڪيون تڏهن فرق ڪنديون آهن جڏهن الله تعاليٰ جو حڪم ٿيندو آهي.

3. مريضن کي شفا ڏيندڙ ڪير آهي؟

ج. مريضن کي شفاء ڏيندڙ الله تعاليٰ آهي.

### ب هيٺيان بيت مڪمل ڪريو.

1. تُون حَبيبُ تُون طبِيبُ، تُون دَردَ جي دَوا

2. صاحِبَ! ڏي شِفَاءِ مِيان! مَرِيضن کي.

3. دَوا آهن دِل کي، تُنهنجُون تَنوارُون

4. تَڏهن ڦَڪيون فَرَقُ ڪَن، جڏهن امر ڪرهو اُن کي.

### ج دردن ۾ ڏکندن هم آواز لفظ آهن. توهان اهڙا ٻيا هم آواز لفظ چونديو.

| | |
|---|---|
| دوا-انواع | دارون-تنوارون |
| ڏِيُ-رَبُ | لاهين- وهارين. |

سبق 2



# پورهئي جي اهميت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ارشاد | چوڻ | پورهيت | پورهيو ڪندڙ |
| سوڀيا | ڪاميابي | ڪيٻائڻ | لنوائڻ |
| محتاج | ڪنهن جي اڳيان هٿ جهلڻ | تاڪيد | زور |
| آڏو | اڳيان | پالنا | پالڻ |
| هجرت | لڏي وڃڻ | تعمير | اڏاوت |
| پنهنجي سِر | پنهنجي مٿان | عار | عيب |

### خلاصو

پورهيت خدا جو دوست آهي ۽ پورهيو هڪ عبادت آهي، اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن بہ پورهئي جو گهڻو تاڪيد فرمايو آهي. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جيڪي بہ فرمائيندا هئا، انهيءَ تي پهريائين پاڻ عمل ڪندا هئا. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جڏهن مڪي شريف مان هجرت ڪري، مديني شريف ۾ رهڻ لڳا. تڏهن ڪين مسجد شريف جوڙائڻ جو خيال آيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم مسجد جو بنياد رکيو، جنهن کي ”مسجد نبوي“

جي نالي سان سڏيو وجي ٿو. جڏهن زمين مسجد جي اڏاوت جي لاءِ تيار ٿي وئي، تڏهن ان جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو. حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پاڻ بہ ٻين اصحابن سان گڏ هڪ پورهيت وانگر مسجد جي اڏاوت ۾ حصو ورتو. اصحاب پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کي پورهيو ڪندي ڏسي. وڌيڪ جوش ۽ جذبي سان محنت ڪرڻ لڳا.

مسجد ۾ فرش نہ هئڻ ڪري مينهن پَوَڻ ڪان پوءِ گپ ٿي ويندي هئي، تنهنڪري پٽ تي پٿريلي مٽي وجهرائي ان کي پڪو ڪري ڇڏيائون. مسجد سان گڏ حرم پاڪ لاءِ حجرا بہ نهرايائون.

ان مان ثابت ٿيو تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پورهئي کي ڪيڏو نہ پسند فرمائيندا هئا. اسان کي گهرجي تہ پورهئي کان ڪڏهن بہ عار نہ ڪريون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. مسجد نبوي ﷺ جي زمين ڪنهن کان خريد ڪئي ويئي؟

ج. مسجد نبوي صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن زمين بنو نجار جي ٻن يتيم ٻائرن کان خريد ڪئي وئي.

2. پاڻ سڳورن ﷺ مسجد نبوي جي اڏاوت ۾ ڪهڙو حصو ورتو؟

ج. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن مسجد نبويءَ جي اڏاوت ۾ صحابہ سان گڏجي مٽي ۽ پٿر ڍوئيندا رهيا.

3. پاڻ سڳورن ﷺ جن جو پورهيت بابت ڪهڙو فرمان آهي؟

ج. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن جو پورهيت بابت فرمان آهي تہ "پورهيت خدا جو دوست آهي".

4. هن سبق مان اسان کي ڪهڙو پيغام ملي ٿو؟

ج. هن سبق مان اَسان کي اهو پيغام ملي ٿو ته پورهئي کان ڪڌهن به عارنه ڪرڻ گهرجي.

## ب هيٺيان خال پريو.

1. پورهيت ______خدا______ جو دوست آهي.
2. اهو زمين جو ٽڪرو بنو نجار جي ٻن ______يتيم______ ٻارڙن جو هو.
3. انهيءَ زمين جي ٽڪري تي ______جهنگ______ ۽ ______ڪجين______ جا وڻ هئا.
4. اسان کي پورهئي کان ڪڌهن به ______عار______ نه ڪرڻ گهرجي.

## ج صحيح جملي جي سامهون "ص" ۽ غلط جملي جي سامهون "غ" لکو.

1. پورهيت خدا جو دوست آهي. ص
2. پورهيو هڪ قسم جي سخاوت آهي. غ
3. جيڪو ماڻهو پورهئي کان ڪيٻائي ٿو سو سدائين خوش رهي ٿو. غ
4. زمين جو اهو ٽڪرو بنونجار جي ٻن يتيم ٻارڙن جو هو. ص
5. مسجد ۾ فرش نه هئڻ سبب مينهن جي پوڻ سان گپ ٿي ويندي هئي. ص

## ج لفظن جي معنيٰ لکيءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| دارومدار | نرير ڪرڻ |
| جملو | عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. |
| غلام | نوڪر |
| جملو | شروعات ۾ حضرت بلال اُميه جو غلام هو. |

| تاڪيد | زور |
|---|---|

**جملو** پاڻ سڳورن ﷺ پورهئي بابت تاڪيد ڪيو آهي.

| جڙي | ٺهي |
|---|---|

**جملو** ٻيا اَصحاب سڳورا حضور ﷺ جن کي ڪم ڪندي ڏسي وڏيڪ جذبي سان ڪم ڪندا رهيا ۽ مسجد جڙي راس ٿي.

| ڪيٻائي | لَنوائي |
|---|---|

**جملو** جيڪو ماڻهو پورهئي کان ڪيٻائي ٿو سو ڪڏهن بہ خوش نہ ٿو رهي.

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| دشمن | دوست | زندگي | موت |
| پڪي | ڪچي | زمين | آسمان |
| حلال | حرام | | |

# نعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| محور | مرڪز | مصطفيٰ | پاڪ |
| هادي | هدايت ڪندڙ | شان | مان |
| عالم | علم وارو | پيشوا | اڳواڻ |
| بيدار | سجاڳ | جهان | دنيا |
| لادوا | لاعلاج | الفت | محبت |
| ابتداء | شروعات | انتها | آخر، پڇاڙي |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

محور فضل مصطفيٰ تون آن،
هاديء منزل هديٰ تون آن.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر اياز قادري چوي ٿو ته اي رسول الله صلي الله عليه وآلهٖ وسلم تون الله جي فضل و ڪرم جو مرڪز آهين تون ئي سڌي راهه تي وٺي وڃڻ وارو هادي آهين.

**بيت:**

تون سان انسانيت کي شان مليو،
ساري عالم جو پيشوا تون آن.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر اياز قادري چوي ٿو تہ سڄي انسان ذات کي پاڻ سڳورن صلي اللہ عليہ وآلهٖ وسلم جي ڪري مان ۽ مرتبو مليو ۽ پاڻ صلي اللہ عليہ وآلهٖ وسلم سڄي عالم جا رهنما آهن.

**بيت:**

جنهن سان بيدار ٿيو جهان سارو،
سو پڙاڏو، نداء صدا تون آن.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر اياز قادري پاڻ صلي اللہ عليہ وآلهٖ وسلم سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ هيءَ جهالت ۽ اونداهي دنيا جنهن جي ڪري سجاڳ ٿي، اهو آواز، سڏ ۽ صدا تون آن.

**بيت:**

تون غريبن جو پرجهلو آهين،
مظهر رحمت خدا تون آن.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر اياز قادري پاڻ صلي اللہ عليہ وآلهٖ وسلم سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ يا رسول اللہ صلي اللہ عليہ وآلهٖ وسلم غريبن جو آسرو تون آهين ۽ اللہ پاڪ جي رحمت جو مرڪز تون آهين.

**بيت:**

درد مون کي ڪو لادوا آهي،
لادوا درد جي دوا تون آن.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر اياز قادري پاڻ صلي اللہ عليہ وآلهٖ وسلم سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ پيار جي ڪهڙي ڳالهہ ڪريان، بس منهنجي پيار جي ابتداء ۽ انتها تون آهين.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ساري عالَم جو پيشوا ڪير آهي؟

ج. ساري عالم جو پيشوا حضرت محمد ﷺ آهي.

2. غريبن جو پرجهلو ڪير آهي؟

ج. غريبن جو پرجهلو حضرت محمد ﷺ آهي.

3. هيءَ نعت ڪنهن جي لکيل آهي؟

ج. هيءَ نعت اَياز قادريءَ جي لکيل آهي.

## ب هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| منزل | منزلون | رحمت | رحمتون |
| ندا | ندائون | پڙاڏو | پڙاڏا |
| صدا | صدائون | دوا | دوائون |

## ج هيٺيان خال ڀريو.

1. هاديءِ منزل ___هديٰ___ تون آن
2. توسان ___انسانيت___ کي شان مليو
3. تون غريبن جو ___پرجهلو___ آهين
4. ___درد___ مون کي لادوا آهي



# سيدة النساء جوڏاج

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وسائيندين | آباد ڪنديون | خواهش | تمنا |
| پيشاني | نرڙ | ورڻ | موٽڻ |
| ڪجيءَ جو ڪاہر | ڪجيءَ جي وڻ جو ٻورو | سانداريون | مشڪون |
| ڪؤنرا | نڪر جا لوٽا | مُنهن موڙڻ | مُنهن ڦيرڻ |
| اهڃاڻ | نشان | | |

### خلاصو

شاديءَ جي موقعي تي جيڪو سامان ڪنوار جا مائٽ پنهنجي نياڻيءَ کي ڏيندا آهن، انهيءَ کي "ڏاج" چئبو آهي. هلندڙ دؤر ۾ ڏاج ڏيڻ بہ هڪ رسم بڻجي ويو آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ ڪنواريتا گهر جا ٿپڙ وڪڻي يا ڳاتي پيگا قرض ڪڻي، گهٽي ڪان گهٽو ڏاج ڏيندا آهن. اهڙن مائٽن کي حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي عملي زندگيءَ مان سبق پرائڻ گهرجي، ڪين ڏسڻ گهرجي تہ سيدة النساءِ جهڙي خاتون، جنهن جو حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ

وآلهٖ وسلم جن جهڙو پيءُ هجي ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه‘ جهڙو گهوٽ هجي، تنهن ڪي ڏاج ۾ ڇا مليو؟

ٻنهي جهانن جا سردار جيڪڏهن چاهين ها ته سڄي دنيا جي دولت پنهنجي پياري نياڻيءَ کي ڏاج ۾ ڏئي پئي سگهيا، پر ڪين پنهنجي امت کي سادي زندگي گذارڻ جو سبق ڏيڻو هو، انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم حضرت بيبي فاطمہ رضہ کي جيڪو ڏاج ڏنو تنهن ۾ هڪ وهاڻو، چمڙي جو بسترو، جنهن ۾ کجيءَ جو ڪاٻر پريل هو. پاڻي پرڻ جون ٻه سانداريون. هڪ جنڊ، ٻه نڪر جا ڪؤنرا، هڪ لوٽو، هڪ گرم چادر، هڪ ڪاٺ جو پيالو ۽ هڪ کٽ کجيءَ سان واڻيل شامل هئا. اسلام اجائي ڏيکاءَ ۽ وڏاءَ کان جهليو آهي.

اسان جو فرض آهي ته اسين پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جي ڏيکاريل واٽ تي هلون ۽ سندن ڏنل تعليم تي عمل ڪريون. ائين ڪرڻ سان نه رڳو ڏاج جي مسئلي کي پر زندگيءَ جي سيني مسئلن کي سولائيءَ سان منهن ڏئي سگهنداسين.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڏاج ڇاکي چئبو آهي؟

ج. ڪنوار جا مائٽ جيڪو سامان پنهنجي نياڻيءَ کي شاديءَ مهل ڏيندا آهن ان کي ڏاج چئبو آهي.

2. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي نياڻيءَ کي ڏاج ۾ ڪهڙو سامان ڏنو؟

ج. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي نياڻيءَ کي ڏاج ۾ وهاڻو، چمڙي جو بسترو، هڪ جنڊ، پاڻي پرڻ جون ٻه سانداريون، ٻه نڪر جا ڪؤنرا،

هڪ لوٽو، هڪ گرم چادر، هڪ ڪاٺ جو پيالو ۽ هڪ ڪجيءَ سان واٽيل ڪٽ ڏني.

3. گهٽي ڏاج ڏيڻ مان ڪهڙو نقصان آهي؟

ج. گهٽو ڏاج ڏيڻ بہ هڪ سماجي خرابي آهي ان مان اهو نقصان ٿئي ٿو تہ نياڻين جي شادي مُرڪو نہ ٿي ٿئي.

4. ٿورو ڏاج ڏيئي پاڻ سڳورن ﷺ اُمت کي ڪهڙو سبق ڏنو آهي؟

ج. ٿورو ڏاج ڏيئي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم امت کي سادگي اختيار ڪرڻ جوسبق ڏنو آهي.

## ب هيٺين مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

| ڏاج | رسم | برائي | اُمت |
|---|---|---|---|

1. گهٽو ڏاج ڏيڻ بہ سماجي ___برائي___ آهي.
2. ڏاج ڏيڻ ___رسم___ بڻجي ويئي آهي.
3. ٿورو ڏاج ڏيئي پاڻ سڳورن ﷺ ___اُمت___ کي سادگيءَ جو سبق ڏنو آهي.
4. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي پياري نياڻيءَ کي سادو ۽ ٿورو ___ڏاج___ ڏنو.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. هلندڙ دؤر ۾ ڏاج ڏيڻ بہ هڪ رسم بڻجي وئي آهي. **ص**
2. شاديءَ جي موقعي تي ڪنوار جا مائٽ جيڪو سامان پنهنجي نياڻيءَ کي ڏيندا آهن ان کي ڏاج چئجي ٿو. **ص**
3. اسان جي سماج ۾ ڪي بہ خرابيون پيدا نہ ٿيون آهن. **غ**
4. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي پياري نياڻيءَ کي شاديءَ ۾ تمام ٿورو ڏاج ڏنو هو. **ص**

5 اسان جي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ بيمارين جو سبب اسڪول نہ وڃڻ آهي.

غ

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اڄ | سڀاڻي | پريل | خالي |
| روانگي | واپسي | ڪُنوار | گهوٽ |
| مکيہ | عام | ڪاٺُ | لوھُ |

## ر هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| پيالو | پيالا | نياڻي | نياڻيون |
| وهاڻو | وهاڻا | سماجُ | سماجَ |
| بسترو | بسترا | چادر | چادرون |




# حضرت عثمان غني رضي الله عنه

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| صحابي | نبي ﷺ جن جا دوست | راضپو | خوشي |
| تن، من، ڌن | جسم / دل / دولت | اڳرا | اڳيان / پهريان |
| کهل | رحم | ويري | دشمن |
| سخي | دل جو ڪشادو | وقف ڪرڻ | ارپي ڇڏڻ |

## خلاصو

حضرت عثمان غني رضي الله عنه مسلمانن جو ٽيون خليفو ٿي گذريو آهي. الله تعاليٰ کيس دولتمند ته اڳيئي بڻايو هو، ويتر جو اسلام جي دولت سان مالامال ٿيو ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي صحبت ۽ تعليم نصيب ٿي، تنهنڪري هو اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت لاءِ جاني ۽ مالي قرباني ڏيڻ ۾ اڳي کان اڳرو رهيو.

مسلمان جڏهن مڪي شريف کان هجرت ڪري مديني شريف آيا، تڏهن کين پاڻي پيئڻ جي ڏاڍي تڪليف پيش آئي. شهر ويجهو ”رومه“ نالي مٺي پاڻيءَ جو هڪ کوهه هوندو هو،

جيڪو هڪ يهوديءَ جي ملڪيت هو. اهو يهودي ايترو تہ ظالم ۽ لالچي هو، جو پاڻي بہ پئسن ۾ ڏيندو هو. خاص ڪري مسلمانن سان تہ هن جو وير هوندو هو.

حضرت عثمان غني رضي الله عنه جهڙي سخي دل انسان ڪان مسلمانن جي اها حالت ڏٺي نہ ٿئي ٿي سگهي، سو پاڻ ان يهوديءَ کي ارڙهن هزار درهم ڏئي، ان کوهہ جو اڌ حصو خريد ڪيائين. وڪري مهل اهو فيصلو ٿيو تہ هڪ ڏينهن پاڻيءَ جو وارو حضرت عثمان غني رضي الله عنه جو هوندو ۽ ٻئي ڏينهن يهوديءَ جو هوندو.

حضرت عثمان غني رضي الله عنه پنهنجي واري جي ڏينهن ماڻهن کي مفت پاڻي ڀرڻ ڏيندو هو، تنهن ڪري يهوديءَ جي پاڻيءَ جو وڪرو بند ٿيندو ويو. حضرت عثمان غني رضي الله عنه کوهہ جو باقي اڌ حصو بہ سترهن هزار درهم ڏئي خريد ڪيو ۽ پوءِ سڄو کوهہ مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏيائين. اهو کوهہ اڄ بہ موجود آهي.

حضرت عثمان غني رضي الله عنه پنهنجي دولت اسلام ۽ مسلمانن جي عام ڀلائيءَ جهڙن ڪمن ۾ خرچ ڪري مسلمانن لاءِ هڪ سٺو مثال پيش ڪيو آهي، جيڪو هميشہ ياد رهندو.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. الله تعاليٰ حضرت عثمان غني رضہ کي ڪهڙين خوبين سان نوازيو هو؟

ج. حضرت عثمان غني رضہ نهايت سادي طبيعت، سنجيده ۽ حق پرست هئا. الله تعاليٰ حضرت عثمان غني رضہ کي دولتمند بہ بڻايو هو.

2. مني پاڻيءَ جي کوهہ جو نالو ڇا هو ۽ سندس مالڪ ڪير هو؟

ج منٽي پاڙيءَ جي کوهه جو نالو ”رومه“ هو ۽ سندس مالڪ هڪ يهودي هو.

3 حضرت عثمان غني رضہ مسلمانن لاءِ کوهه گهڻا درهم ڏئي خريد ڪيو؟

ج حضرت عثمان غني رضہ مسلمانن لاءِ کوهه پنجٽيهه هزار درهم ڏئي خريد ڪيو.

4 امير ماڻهن کي هن سبق مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج اَمير ماڻهن کي هن سبق مان اها نصيحت ملي ٿي ته اُهي به اسلام ۽ مسلمانن جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار اَدا ڪن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ويري | دشمن |
| جملو | يهودي مسلمانن جو وڏو ويري هو. |
| وقف | حوالي |
| جملو | حضرت عثمان رضہ رومہ کوهه خريد ڪري مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. |
| ڌن | دولت |
| جملو | اَللهُ تعاليٰ حضرت عثمان غني رضہ کي ڌن دولت سان نوازيو هو. |
| غني | دولتمند |
| جملو | حضرت عثمان رضہ تمام غني هو. |
| عام | معمولي |
| جملو | حضرت عثمان غني رضہ عام ماڻهن لاءِ پنهنجو تن من قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. |
| رسيو | پهتو |
| جملو | حضور اَڪرم ﷺ کي ڪافرن جي ايمان نه آڻڻ تي ڪافي ڏک رسيو. |

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| عام | خاص | ڀلائي | برائي |
| سخي | ڪنجوس | پورو | اڌ |
| دير | سوير | غريب | اَمير |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| فائدو | فائدا | آنو | آنا |
| اڳرو | اڳرا | مسلمانُ | مسلمانَ |
| پيارو | پيارا | خيالُ | خيالَ |

سبق 6

# انجام پاڙڻ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| انجام | واعدو |
| قول | چوٽي |
| ڪسڻ | وڌڻ |
| صغير | ننڍو |
| بني بشر | انسان |
| ضامن | ذميوار |
| بها | رقم |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| مون | آءٌ |
| جيسين | جستائين |
| نهارڻ | ڏسڻ |
| پاڙڻ | پورو ڪرڻ |

## خلاصو

هر انسان کي گهرجي تہ پنهنجي انجام کي پاڙي ڏي. واعدي وفائي انسان جو اعليٰ گڻ آهي، جيڪو پنهنجي زبان نٿو ڦيرائي، قول کي پاڙي ٿو ڏي، سو سچو پچو انسان آهي.

الله تعاليٰ انهيءَ تي راضي نہ ٿو رهي، جيڪو انجام ڪري ڦري وڃي ٿو، اهو منافق آهي. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ واعدا پورا ڪريو ۽ واعدي بابت اوهان کان پڇا ڪئي ويندي. ڪيترائي اهڙا انسان ٿي گذريا آهن، جن جان وڃائي، پر زبان نہ ڦيرائي. ڪُسڻ قبوليو، پر قول نہ ڦيرايو. اسان کي بہ هر حالت ۾ واعدو پورو ڪرڻ گهرجي.

# مشق

## ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 حضرت عمر رضي الله عنه جي دربار ۾ فريادين ڪهڙي دانهن ڪئي؟

ج حضرت عمر (رضہ) جي دربار ۾ فريادين اِها دانهن ڏني تہ هن شخص اَسان جي پيءُ جو خون ڪيو آهي، اسان جو داد ڏئي.

2 جوابدار ضمانت لاءِ ڪنهن تي آڱر رکي؟

ج جوابدار ضمانت لاءِ حضرت اَبو ذر غفاريؓ تي آڱر رکي.

3 جوابدار پاڻ کي مارائڻ لاءِ ڇو سهڪندو پهتو؟

ج جوابدار پاڻ کي مارائڻ لاءِ ان ڪري سهڪندو پهتو تہ هُو مالڪ کي اَمانت واپس ڪري جلديءَ ۾ حضرت عمر جي اڳيان حاضر ٿيو.

4 جوابدار کي ڇو معاف ڪيو ويو؟

ج جوابدار کي ان ڪري معاف ڪيو ويو، جوهن پنهنجو اَنجام پاڙيو.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عمل | ڪم |
| جملو | واعدي وفائي هڪ بهترين عمل آهي. |
| بها | رقم |
| جملو | هنن فريادين کي خون جي بها سرڪاري خزاني مان ڏني وئي. |
| ڪارڻ | سبب |
| جملو | فريادين چيو تہ: اَسان هن کي خدا ڪارڻ معاف ڪيوسون. |
| اعليٰ | مٿانهون |
| جملو | اَلله تعاليٰ سڀ کان اعليٰ آهي. |

| وصيت | هدايت |
| --- | --- |

**جملو** پيءُ پنهنجي وڏي پٽ کي وصيت ڪئي تہ هي سون تنهنجي
ننڍي ڀاءُ جو آهي.

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو.

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| انجام | واعدو | مهل | وقت |
| اوپرو | اَجنبي | قول | چوٽي |
| دانهن | فرياد | صغير | ننڍو |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
| --- | --- | --- | --- |
| عملُ | عملَ | موڪل | موڪلون |
| واعدو | واعدا | قولُ | قولَ |
| دانهن | دانهون | آگر | آگريون |

## ر لکڻ، پڙهڻ، هلڻ، ڪمن جا نالا آهن، توهان اهڙا ٻيا پنج لفظ ٻڌايو.

ڪائڻ — پيئڻ

ناهڻ — پچائڻ

سمهڻ



# ٻارن لاءِ صبح جي دعا

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جهول | هنج | سنسار | جڳ، جهان |
| عزت | احترام | جابجا | هر هنڌ |
| رهنمائي | اڳواٽي | رهنما | اڳواڻ |
| ڄاڻ | عِلم | ڏاتي | پالڻهار |
| ڪِين | هرگز نہ | وڏائي | تڪبر |
| آشنا | باخبر | هَٿ جوڙڻ | هَٿ ٻَڌڻ |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

علم سان پر جهول تون منهنجي خدا
تو ڳُهران تو در اچي هر هر دعا

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا گهرندي چوي ٿو تہ منهنجا الله پاڪ مان هر هر اها دعا ٿو گهران تہ مون کي تون علم عطا ڪر.

**بيت:**

علم تو روشن ڪري سنسار کي
علم سان عزت ملي ٿي جا بجا

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي علم جي تعريف ڪندي ٻڌائي ٿو تہ هيءَ دنيا علم جي ئي ڪري روشن

آهي ۽ علم جي ڪري هر هنڌ عزت ملندي آهي.

**بيت:**

مون کي تنهنجي رهنمائي ٿي کپي
تون سڀن جو يا خدا آن رهنما

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي الله پاڪ کي عرض ڪندي چوي ٿو ته الله سائين تون سڀني جو رهنما آهين، اسان سڀ تنهنجي مدد جا طلبگار آهيون، مون کي به تنهنجي رهنمائي ٿي گهرجي.

**بيت:**

منهنجي سيني کي پري ڇڏ جاڻ سان
ڪر مدد منهنجي ڏٺي صبح و مسا

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي الله پاڪ کان علم جي لاءِ دعا گهرندي چوي ٿو ته الله سائين علم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ مان هر وقت دعا ٿو گهران.

**بيت:**

ڪين ڏي ڪائي وڏائي علم ڏي
جو ته آهي علم کي رهڻي بقاء

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي الله پاڪ کان علم جي لاءِ دعا گهرندي چوي ٿو ته الله سائين مون کي ٻي ڪائي وڏائي نه ڏي پر علم ڏي جو ته علم ڪڏهن به ختم ٿيڻ وارو ناهي.

**بيت:**

هَٿَ جوڙي ٿو گُهران تو کان ڏٺي
هر علم کان رک "سميع" کي آشنا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي الله پاڪ کان علم جي لاءِ دعا گهرندي چوي ٿو ته الله سائين مان هٿڙا ٻڌي تو در دعا ٿو گهران ته مون کي هر علم کان باخبر رک. مون کي هر علم جي سمجهه عطا فرماءِ.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 شاعر هن نظم ۾ ڇاجي دعا گهري رهيو آهي؟

ج شاعر هن نظم ۾ علم حاصل ڪرڻ جي دعا گهري رهيو آهي.

2 سنسار ڇاڪي ٿو روشن ڪري؟

ج علم سنسار کي ٿو روشن ڪري.

### ب هيٺيان خال پري بند مڪمل ڪريو:

1 علم ٿو ___روشن___ ڪري سنسار کي

2 علم سان عزت ملي ٿي ___جا بجا___

3 هٿ جوڙي ٿو گهران توکان ___ڏٿي___

4 هر ___علم___ کان رک سميع کي آشنا

### ج لفظن جي معنيٰ لکيءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جابجا | هر جاءِ |
| جملو | علم سان عزت ملي ٿي جابجا. |
| بقاء | باقي رهڻ |
| جملو | حضور اڪرم ﷺ جن دين جي بقاء لاءِ ڪيتريون ئي قربانيون ڏنيون. |

| رهنمائي | اڳواٽي |
|---|---|
| جملو | اَللہ تعاليٰ سينې جي رهنمائيءَ لاءِ پيغمبر موڪليا. |
| آشنا | واقف |
| جملو | علم حاصل ڪرڻ سان انسان هر مسئلي کان آشنا ٿئي ٿو. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| عالم | جاهل | آشنا | نا آشنا |
| رڪڻ | ڪٽڻ | پريل | خالي |
| وڏائي | نندائي | بقاء | فاني |

## ر هم آواز لفظن کي ڪافيو چئبو آهي: جيئن خدائي ۽ پلائي.

توهان هن نظم مان پنج هم آواز لفظ لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| رهنمائي | وڏائي | سجائي | نندائي | اَجائي |



# دودو سومرو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تاريخ | گذريل وقت | ست | طاقت |
| آجو | آزاد | دلير | بهادر |
| چوٽي | قول | سڀاڳي | نصيب واري |
| صدي | سؤ سال | قصا | واقعا، داستان |
| حڪمران | بادشاهه | وابستا | لاڳاپيل |
| مطيع | تابعدار | لڙائي | جنگ |
| ٽاڪوڙو | ياڃ | خوار | ذليل |
| روانو ٿيڻ | اُسهڻ | | |

## خلاصو

سنڌ ڌرتيءَ تي گهڻائي بهادر ماڻهو پيدا ٿيا آهن، تن ۾ دودو سومرو به هڪ مشهور حاڪم ٿي گذريو آهي، جنهن جو داستان اڄ به ڳائجي ٿو.

سنڌ تي حڪمراني ڪندڙ بادشاهه ڀونگر 678 هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو. کيس به پٽ هئا، هڪ گهرواريءَ مان دودو ۽ ٻي گهرواريءَ مان چنيسر. ان وقت ان قوم جو اهو دستور هوندو هو ته مري ويل بادشاهه کي دفنائڻ کان اڳ ڪنهن کي تخت جو وارث چوندي پوءِ کيس دفنايو ويندو هو. سو اميرن ۽ وزيرن چنيسر کي پڳ ٻڌائڻ جو اعلان ڪيو. جڏهن چنيسر کي پڳ ٻڌڻ لاءِ چيو ويو ته هن چيو ته ”ترسو ته مان امان کان پڇي اچان“ ان

جي وجڻ کان پوءِ اميرن ۽ وزيرن چيو تہ جيڪو پڳ ٻڌڻ لاءِ ماءُ کان پڇڻ ٿو وڃي، سو حڪومت جو ڪاروهنوار ڪيئن هلائي سگهندو؟ سو انهن پڳ دودي کي ٻڌائي.

جڏهن چنيسر کي اها ڳالهہ معلوم ٿي تہ ڪاوڙجي دهليءَ جي بادشاهہ علاؤالدين ڏانهن دانهن ڪٽي ويو.

دودي تخت تي ويهڻ شرط افغانن کان پنهنجي سلطنت جا وڃايل علائقا واپس ورتا. اهي ڳالهيون دهليءَ جي بادشاهہ تائين پهچنديون رهيون، ويتر جڏهن چنيسر ڪيس دانهن ڏني تہ علاؤالدين بادشاهہ پنهنجي ڀائٽي کي وڏو لشڪر ڏيئي جنگ لاءِ روانو ڪيو. ان لشڪر سان پهوڙ نالي سومرن جو سالار 10 هزار لشڪر سان افغانن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو تہ وري هيڏانهن علاؤالدين بادشاهہ جو سپہ سالار قنبر خان پنجاهہ هزار فوج سميت مارجي ويو.

علاؤالدين بادشاهہ کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن ڪاوڙ ۾ وڏو لشڪر سنڌ ڏانهن موڪليو. دودي سومري دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪندي اها سوچ ڪئي تہ لڙائيءَ ۾ وڏي خونريزي ٿيندي ۽ سلطنت کي بہ خطرو آهي، تنهن ڪري علاؤالدين بادشاهہ کي صلح جي آڇ ڪئي، جنهن جي جواب ۾ علاؤالدين بادشاهہ ڪجهہ شرط رکيا. ليڪن دودي سومري انهن چئن شرطن مان صرف بہ شرط مڃڻ لاءِ تيار ٿيو. هڪ حڪومت چنيسر حوالي ڪرڻ ٻيو جنگ جو خرچ ڀري ڏيڻ، باقي علاؤالدين بادشاهہ جي سؤٽ رڪن الدين جي زال واپس ڪرڻ ۽ هر سال ڏهہ مڻ سون ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ڏن نہ ڏيڻ جو سبب اهو ٻڌايو ويو تہ ڏن ڏيڻ سان سنڌ جي آزادي ختم ٿي ويندي.

آخرڪار چنيسر جي ٻئين ڀٽ سپڙ خان سان جنگ ۾ 699

۾ وِڙهه ڪوٽ وٽ بهادريءَ سان جنگ وڙهندي دودو سومرو شهيد ٿي ويو، پر سنڌ نالو اڄ بہ چوڻيءَ طور مشهور آهي تہ "مڙس تہ ڪو دودو آهين!"

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سنڌ تي سومرن جي حڪومت گهڻو عرصو هئي؟

ج. سنڌ تي سومرن جي حڪومت ٽي سؤ سالن کان بہ وڌيڪ هئي.

2. سومرا قبيلي جا مشهور حاڪم ڪهڙا آهن؟

ج. سومرا قبيلي جا مشهور حاڪم، ڀونگر، عمر ۽ خفيف عطائي آهن.

3. سنڌ تي سومرن کان پهريان ڪنهن جي حڪومت هئي؟

ج. سنڌ تي سومرن کان پهريان عربن جي حڪومت هئي.

4. دودي سومري بابت سنڌ ۾ ڪهڙي چوڻي مشهور آهي؟

ج. دودي سومري بابت سنڌ ۾ چوڻي مشهور آهي "مڙس تہ ڪو دودو آهين".

### ب هيٺيان خال ڀريو.

1. سنڌ جي تاريخ ڪيترن ئي سورهين ۽ بهادرن سان ڀري پيئي آهي.
2. اهڙن دلير انسانن مان دودو سومرو بہ هڪ آهي.
3. سومرا قبيلي جا چار دودا حڪمران ٿي گذريا آهن.
4. دودي سومري ۽ سنڌس بهادر ساٿين دشمن جي لشڪر ۾ ٽاڪوڙو وجهي ڇڏيو.

5 دودي سومري جي شهادت باوجود دشمنن کي ڪجهه بہ حاصل نہ ٿيو.

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ڪُٽ | ڪُٽون | حڪومت | حڪومتون |
| تصوير | تصويرون | دل | دليون |
| صدي | صديون | جنگ | جنگيون |

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سلطنت | بادشاهي |
| جملو | سومرن کان اڳ عربن جي سنڌ تہ سلطنت هئي. |
| گهمسان | گوڙ |
| جملو | دودي ۽ سندس ساٿين دشمن سان وڏي گهمسان جي لڙائي ڪئي. |
| داستان | قصو |
| جملو | دودي سومري جو داستان اڄ تائين بہ ماڻهن جي دلين ۾ محفوظ آهي. |
| مطيع | غلام ڪرڻ |
| جملو | دهليءَ جي سلطنت سنڌ جي سومرن کي مطيع ڪرڻ جي ڀرپور تياري ڪئي. |
| سَتُ | ٻَل، طاقت |
| جملو | سنڌ جي سورهين ۽ بهادرن سنڌ جي سلامتيءَ لاءِ پنهنجو رت سَتُ ڏئي قرباني ڏني. |

سبق 9



# سائي

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سائي | بيماريءَ جو نالو | ڪمزور | هيڻو |
| ڪارڻ | سبب | جسم | بَدن |
| چستي | ڦڙتي | هلڪو | ٿورو |
| مکيه | اهم، خاص | نشانيون | علامتون |
| متعلق | باري ۾ | لاپرواهي | بي پرواهي |
| مهل | وقت | بچاءُ | دفاع |
| حياتي | زندگي | احتياط | خيال |

## خلاصو

هن دنيا ۾ ڪيترن ئي قسمن جون بيماريون ظاهر ٿيون آهن، تن مان هڪ سائي جي بيماري پڻ آهي. اڄڪلهه اها بيماري تمام گهڻو ڦهلجي رهي آهي. ان بيماري ٿيڻ جي اها نشاني آهي ته ماڻهو تمام ڪمزور ٿيندو ويندو آهي. سندس اکين جو رنگ پِيلو ٿي ويندو آهي ۽ پيشاب جو رنگ پڻ پِيلو ٿي ويندو آهي. هيءَ بيماري دراصل هڪ جيوڙي جي ڪري ٿيندي آهي، جيڪو جگر يا جيري تي حملو ڪندو آهي. سائي جي بيماري هر عمر جي فرد کي ٿي سگهي ٿي. ايستائين جو نئين ڄاول ٻارن ۾ به هيءَ بيماري ظاهر ٿي آهي. جديد دؤر ۾ هن بيماريءَ جو نالو ”هيپاٽائيٽس“ رکيو ويو آهي. هيپاٽائيٽس جا جيوڙا A.B.C.D.I سڏبا آهن. انهن مان هيپاٽائيٽس اي ۽ هيپاٽائيٽس بي ڪجهه خطرناڪ آهن.

هيپاٽائيٽس اي: هيءَ بيماري ”اي“ جيوڙي ڪري ٿئي ٿي. هيءَ بيماري گهڻو ڪري خراب پاڻي پيئڻ يا سٽيي ڪاڌي کائڻ ڪري ٿيندي آهي ۽ جتي گُتيل آبادي هوندي آهي، اتي گهٽ صفائي هجڻ ڪري هيءَ بيماري ظاهر ٿيندي آهي.

هيپاٽائيٽس بي: هيءَ بيماري ”بي“ جيوڙي جي ڪري ٿئي ٿي. علاج ۾ لاپرواهي سبب جيرو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي، تنهن ڪري اها بيماري ٿئي ٿي. اها بيماري تمام گهڻي خطرناڪ آهي. ان جي پکڙجڻ جو سبب اسپتالن ۾ ساڳيون سيون ڪم آڻڻ، ڊاڪٽرن ۽ حجمن جا ساڳيا اوزار استعمال ڪرڻ آهي. هيءَ بيماري رت جي ذريعي به ڦهلبي آهي، تنهن ڪري مريضن کي رت ڏيڻ مهل، رت جي چڪاس ضرور ڪرائجي.

سائي جي بيماري کان بچڻ لاءِ گهرن کي کليل ۽ هوادار هئڻ گهرجي. گهر ۾ اس اچڻ تمام ضروري آهي. اهڙي طرح صفائي ۽ سترائي رکي وڃي. پاڻيءَ کي ٺهڪائي پوءِ استعمال ڪجي ۽ هڪ ٻئي جون استعمال ٿيل شيون استعمال نہ ڪرڻ گهرجن، جهڙوڪ: بليڊ، ڏندڻ، ٽاول، صابڻ وغيره.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. سائيءَ جي بيماريءَ کي ڪيئن سڃاڻبو آهي؟

ج. سائيءَ جي بيماريءَ ۾ مريض تمام ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ سندس اکيون پيليون ٿي وينديون آهن.

2. سائي ٿيڻ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟

ج. سائي ٿيڻ جو ڪارڻ هڪ جيوڙو هوندو آهي.

3. هن بيماريءَ جي جيوڙن کي ڇا سڏبو آهي؟

ج. هن بيماريءَ جي جيوڙن کي A,B,C,D,E چئبو آهي.

4 هيءَ بيماري ڪيئن پکڙجي ٿي؟

ج هيءَ بيماري سٽيپ واري ڪاڏي کائڻ، خراب پاڻي پيئڻ گندگيءَ وارن علائقن ۾ رهڻ، ساڳي سُئي ٻيهر ڪم آڻڻ، حجم وٺ ساڳيو بليڊ استعمال ڪرڻ وغيره سان پکڙجي ٿي.

5 سائيءَ کان بچڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن؟

ج سائيءَ کان بچڻ لاءِ هوا دار گهر هجن ۽ انهن جي آسپاس صفائي هجي، تازا ۽ صاف کاڌا کائڻ گهرجن، پاڻي ٻه چاڻي ۽ اُٻاري ڪتب آڻجي، هڪٻئي جون شيون جيئن، بليڊ، ڪپڙا، صابڻ ۽ ڏندن وغيره استعمال نہ ڪرڻ گهرجي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1 سائيءَ جو ڪارڻ هڪ ___جيوڙو___ هوندو آهي.

2 هيءَ بيماري ___دير___ سان سڃاڻ ۾ ايندي آهي.

3 سائيءَ جي بيماريءَ لاءِ ڪا بہ ___عُمر___ جي حد مقرر ناهي.

4 هن بيماريءَ کي ___هيپاٽائيٽس___ بہ چوندا آهن.

5 هيپاٽائيٽس ”اي“ جي مريضن کي مڪمل ___آرام___ ڪرڻ گهرجي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪارڻ | سبب |

جملو: سائيءَ بيماري جو ڪارڻ هڪ جيوڙو آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پرهيز | احتياط |

جملو: وڏيڪ سٽيپ واري کاڏي کائڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

| | |
|---|---|
| چڪاس | معائنو |
| جملو | هن بيماريءَ ۾ بيمارَ جي رت جي چڪاس ٿيندي آهي. |
| هيٺو | ڪمزور |
| جملو | سائيءَ جي بيماريءَ ۾ مريض تمام ڪمزور ٿي ويندو آهي. |
| ڪتب | استعمال |
| جملو | حجم وٽ هڪ ئي بليڊ ٻيهر ڪتب نہ آڻڻ گهرجي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| گهٽائي | ٺورائي | تيز | آهستي |
| ڪمزور | طاقتور | سٺو | خراب |

## ر سائيءَ جي بيماريءَ کان بچاءَ تي مختصر نوٽ لکو.

سائيءَ جي بيماريءَ کان بچاءَ لاءِ هوادار گهر هجن، جن ۾ اُس اَچڻ ضروري آهي ۽ انهن جي آس پاس صفائي هجي. تازا ۽ صاف ڪاڌا کائڻ گهرجن. پاڻي بہ ڇاڻي ۽ اُباري ڪتب آڻجي. رت ڏيڻ ۽ وٺڻ مهل چڪاس ڪرائجي. هڪ ٻئي جون شيون استعمال نہ ڪرڻ گهرجن. سائيءَ جي مريض کي مڪمل آرام ڪرڻ گهرجي ۽ گلوڪوز جو استعمال ڪرڻ گهرجي تہ کين فائدو پهچي.

سبق 10

# سُر سارنگ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏوٽيئڙا | ماروئڙا | ڏيهه | ملڪ |
| سانوڻ | مينهن جو موسم | سانگا | واستہ/ وسيلو |
| ڪجڪار | چمڪار | ميگهه | مينهن |
| ملهار | هڪ راڳ جو نالو | سرها | خوش |
| سنگهار | مارُو | سرس | وڏيڪ |
| سرتيون | ساهيڙيون | ڪاهي | وني وڃڻ |
| ساٽيهه | ديس | | |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

ڏوٽيئڙن جي ڏيهه تي، سانوڻ جا سنگاءِ
ڪنوڻ جا ڪجڪار، منهنجي مٺي ملڪ تي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ غريب ۽ مسڪين ٿرين جي وطن تي برسات جي تات آهي ۽ ڪنوڻ جا ڪجڪار لڳا پيا آهن.

**بيت:**

ڪڪرن ڪئي ڪاراڻ، ٿيندي ميگهه ملهار،

وسندو اڄ وڏڦڙو، سرها ٿيندا سنگهار،
سرس ڪري سينگار، سرتيون ويهنديون سنڌ ۾.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ بارش سان پريل ڪارا ڪڪر آيا آهن، لڳي ٿو تہ اڄ وڏ ڦري واري برسات وسندي ۽ مالوند ويچارا خوش ٿيندا ۽ انهن سان گڏ سرتيون بہ خوش ٿي سينگار ڪري ويهنديون.

**بيت:**

پنهنجي ملڪ ملير ۾ وٺا مينهن وري،
موٽيا مال وندا، هي ڪاهي ڏڻ ٿري،
دکي دلڙي ٺري، ڏسندي سُک ساٽيهه ۾.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ اسان جي ٿر تي مينهن وسڪارو ڪيو آهي، جنهن ڪري ٿري جيڪي هتان ڪان پري ويا هئا، اهي پڻ پنهنجا مال ڪاهي واپس موٽيا آهن ۽ پنهنجي وطن تي بارش ڏسي انهن جي دل بہ خوش ٿي پئي آهي.

## مشق

**ا** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. توهان کي جيڪو بيت وڻي ٿو اهو لکو.

ج: ڏوٿيئڙن جي ڏيهہ تي، سانوڻ جا سانگا، ڪنوڻ جا ڪجڪار، منهنجي مٺي ملڪ تي.

2. بهار جو موسم توهان کي ڪيئن لڳندو آهي؟

ج: بهار جو موسم تمام پيارو ۽ وڻندڙ موسم هوندو آهي.

3. مينهن ڪهڙن ڪڪرن مان وسندو آهي؟

ج: مينهن ڪارن ڪڪر مان وسندو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ڏوٽيئڙن جي ___ڏيهه___ تي، ساڻون جا سانگا
2. ڪنوڻ جا ___ڪجڪار___، منهنجي مٺي ملڪ تي
3. پنهنجي ملڪ ملير ۾ ونا ___مينهن___ وري
4. موٽيا مال وندا، هي ڪاهي ڏڻ ___ٿري___

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڏوٽيئڙا | ماروئڙا |
| جملو | اَسان جي ڏيهه جا ڏوٽيئڙا وڏا جفاڪش آهن. |
| سرها | خوش |
| جملو | وسندو اَڄ وڏو ڦڙو، سرها ٿيندا سنگهار. |
| ڏيهه | ديس |
| جملو | اَسان جو ڏيهه تمام سهڻو آهي. |
| ڪجڪار | چمڪاٽ |
| جملو | آسمان ۾ ڪنوڻ جا ڪجڪار لڳا پيا آهن. |



# البيروني

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تاريخ نويس | تاريخ لکندڙ | ڪوڏيو | شوقين |
| شروعات | ابتدا | ساڳئن | انهن سان |
| جڳ | دنيا، جهان | وانگر | جيان |
| برلو | ٻلهڻ | اڪيلو | هيڪلو |
| رواج | رائج طريقو | صورتخطي | لکڻ واري لپي |
| نمونا | قِسم | ذڪر | بيان |
| خطن | نمونن | نيچ | ڪمتر |
| سير سفر | گهمڻ ڦرڻ | | |

## خلاصو

البيرونيءَ جو اصل نالو ابو ريحان محمد بن احمد البيروني آهي، هي اها شخصيت آهي، جيڪا نہ صرف سائنسدان، تاريخ نويس، علم نجوم، رياضي دان ۽ علم هيئت جي ماهر طور مشهور آهي، پر هڪ سياح جي حيثيت ۾ بہ مشهور آهي.

البيروني سنڌ ۽ پنجاب ۾ گهڻو عرصو رهيو. هن گهمي ڦري پنهنجي اکين سان ملڪ جون عام حالتون ڏٺيون ۽ عام ماڻهن سان مليو ۽ علمي ماڻهن سان ملاقاتون ڪيائين اهڙي طريقي سان هندوستان جي علم ۽ فن جي معلومات حاصل ڪئي.

سنڌ جي باري ۾ پنهنجي مشهور ڪتاب ”ڪتاب الهند“ ۾ لکي ٿو تہ: سنڌو درياءُ جڏهن اروڙ کان اڳتي وڌي ٿو تہ ان کي

”مهراڻ درياءُ“ چيو وڃي ٿو. هن درياءَ ۾ قسمين قسمين جانور جهڙوڪ: واڳون، سيسر ۽ مڇيون ملن ٿيون. مڇين ۾ خاص طرح سان پلهڻ مڇيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي هن ”برلو“ ڪوٺيو آهي.

ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت لکي ٿو تہ: هتان جا ماڻهو گهرن جي ٻاهران ٿلهن تي ويهي ماني کائيندا آهن ۽ عورت وانگر مرد بہ زيور پائيندا آهن.

البيروني پنهنجي ڪتاب ۾ ملتان، برهمڻ آباد، لاهري بندر، اروڙ، ديبل، منصوره ۽ سيوهڻ شهرن جو ذڪر ڪيو آهي.

اهڙي طرح هن پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي صورتخطيءَ جي نمونن بابت بہ لکيو آهي. هندن جي حوالي سان البيروني لکي ٿو تہ، ”هندن ۾ چار وڏيون ذاتيون آهن: برهمڻ، کتري، وئش، شودر يا اڇوت. هندن جي گهڻائي بتن جي پوڄا ڪندي آهي، پر انهن مان خاص طبقو هڪ الله کي مڃيندڙ بہ آهي“. البيروني پنهنجي زندگيءَ جو وڏو عرصو سير و سفر ۾ گذاريو، هو جتي بہ ويو اتان جو احوال هن لکيو آهي.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. البيرونيءَ جي لکيل ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

ج. البيرونيءَ جي لکيل ڪتاب جو نالو ”ڪتاب الهند“ آهي.

2. البيرونيءَ سنڌ جي ڪهڙن شهرن جو ذڪر ڪيو آهي؟

ج. البيرونيءَ سنڌ جي هنن شهرن جو ذڪر ڪيو آهي: برهمڻ آباد، لاهرين، بندر، اروڙ، ديبل،منصوره، سيوهڻ ۽ ملتان وغيره.

3. البيرونيءَ گھڻو وقت ڪھڙن ملڪن ۾ گذاريو؟

ج. البيرونيءَ گھڻو وقت سنڌ ۽ ھند ۾ گذاريو.

4. البيرونيءَ ھندن جون ڪھڙيون چار ذاتيون لکيون آھن؟

ج. البيرونيءَ ھندن جون ھي چار وڏيون ذاتيون لکيو آھن: برھمڻ کتري، وئش، شودر ۽ اڇوت يا نيچ.

5. البيرونيءَ سنڌ ۾ صورت خطيءَ جا ڪيترا نمونا ڄاڻايا آھن؟

ج. البيرونيءَ سنڌ ۾ صورت خطيءَ جا خاص ٽي نمونا ڄاڻايا آھن.

6. اروڙ وٽ سنڌو درياءَ کي ڇا سڏيو ويندو آھي؟

ج. اروڙ وٽ سنڌو درياءَ کي مھراڻ سڏيو وجي ٿو.

## ب هيٺيان خال پريو.

1. سنڌو درياءُ جڏھن اروڙ کان اڳتي وڌي ٿو تہ ان کي مھراڻ سڏيو وڃي ٿو.

2. ھن درياءَ ۾ ڪيترائي عجيب ۽ غريب جانور رھن ٿا.

3. ڪاڏي جا ٿانوَ جيڪڏھن نکر جا اٿن تہ اُھي اُجلائي ڇڏيندا آھن.

4. ھندن مان خاص طبقو ھڪ الله کي مڃيندڙ بہ آھي.

5. سنڌس لکيل سفرنامو ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ڪيا ويا آھن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| مھراڻ | سنڌو درياءِ |
| جملو | اروڙ کان اڳتي سنڌو درياءُ کي مھراڻ سڏيو وڃي ٿو. |
| ويس | لباس |
| جملو | البيروني پنڊتن وانگر ويس بدلائي گھمندو ھو. |

| سياحت | سير |
|---|---|

جملو: البيرونيءَ پنهنجي سياحت جا ڪيترائي احوال لکيا.

| پوڄا | عبادت |
|---|---|

جملو: هندو اَڪثر ڪري بتن جي پوڄا ڪندا آهن.

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ڇوڪرو | ڇوڪرا | سدورو | سدورا |
| ننڍڙو | ننڍڙا | ڪپڙو | ڪپڙا |
| پڃرو | پڃرا | نمونو | نمونا |



# داناءُ هاري

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| داناءُ | سياڻو، عقلمند | هاري | ڪڙمي |
| واپس ورڻ | واپس موٽڻ | حيرانگي | حيرت |
| سنڀال ڪرڻ | خيال ڪرڻ | دفعا | ڀيرا |
| مهلت ڏيڻ | وقت ڏيڻ | مقصد | مطلب |
| ويچار ڪرڻ | سوچڻ | ڪالهه | گذريل ڏينهن |
| هڪدم | يڪدم، جلديءَ ۾ | مهر | ٺپو |

## خلاصو

هڪ ڀيري هڪ بادشاهه شڪار ڪندي واپس موٽي رهيو هو ته رستي ۾ هڪ هاري ڏٺائين، ان کان حال معلوم ڪرڻ لاءِ وٽس هلي آيو ۽ کانئس پڇيائين ته تون روز ڪيترو ڪمائيندو آهين؟ هاريءَ جواب ڏنس ته چار روپيه. بادشاهه وري پڇيس ته اها رقم تون ڪيئن خرچ ڪندو آهين؟ هاريءَ چيو ته سائين هڪ روپيو گهر خرچ ڪندو آهيان. ٻيو روپيو اوڌارو ڏيندو آهيان. ٽيون قرض لاهيندو آهيان ۽ چوٿون کوهه ۾ ڦٽو ڪندو آهيان.

اها ڳالهه ٻڌي بادشاهه کيس چيو ته ان جو مطلب مان نه سمجهي سگهيس. مون کي وضاحت سان ڳالهه ٻڌاءِ. تنهن تي هاريءَ چيو ته سائين هڪ روپيو پاڻ ۽ پنهنجي زال تي خرچ ڪندو آهيان، ٻيو روپيو پنهنجي ٻچڙن تي خرچ ڪندو آهيان.

جيئن اهي منهنجي پيريءَ واري عمر ۾ سار سنڀال لهن. ٽيون روپيو قرض لاهيندو آهيان يعني ماءُ ۽ پيءُ تي خرچ ڪندو آهيان، ڇو جو انهن بہ مون کي ننڍي هوندي کارايو پياريو هو. چوٿون روپيو کوهہ ۾ ڦٽو ڪرڻ جو مطلب تہ ان جو اجر مون کي هن دنيا ۾ نہ کپي مان نيڪي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو خرچ ڪندو آهيان.

بادشاهہ ڪيس پنهنجو منهن سؤ پيرا ڏسڻ جي شرط تي ڪانئس واعدو ورتو تہ اها ڳالهہ تيستائين ٻين کي ٻڌائڻي ناهي. ان کان پوءِ بادشاهہ پنهنجي وزيرن کان ان ڳالهہ جو مطلب پڇيو ۽ انهن کي جواب لاءِ هڪ ڏينهن ڏنائين. سڀ وزير منجهي پيا انهن مان هڪ وزير کي خيال آيو تہ ڪالهہ بادشاهہ پري هڪ هاريءَ سان پئي ڪچهري ڪئي. ٿي سگهي ٿو تہ ان هاريءَ اها ڳالهہ بادشاهہ کي ٻڌائي هجي، سو اهو وزير ان هاريءَ وٽ ويو ڪيس سؤ اشرفيون ڏنيون جن تي بادشاهہ جي تصوير اُڪريل هئي. ان کان پوءِ هاريءَ ان کي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. ٻئي ڏينهن ان وزير، بادشاهہ کي سڄو مطلب ٻڌايو. بادشاهہ سوچيو تہ هن وزير کي ضرور ان هاريءَ ٻڌايو آهي، سو ان کي گهرايائين ۽ ڪائنس پڇيائين تہ تون وزير کا اها ڳالهہ ڇو ٻڌائي، تنهن تي هن وزير طرفان ڏنل سؤ اشرفيون ڪڍي بادشاهہ کي ڏيکاريون ۽ ڪيس چيو تہ بادشاهہ سلامت مان توهان جي شڪل سؤ پيرا ڏٺي، تنهن ڪري اها ڳالهہ وزير کي ٻڌائي ان ۾ ڪا بہ واعدي خلافي تي نہ ڪئي آهي.

اهو جواب ٻڌي بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هاريءَ جي ڏاهپ ڏسي ڪيس سؤ اشرفيون ٻيون بہ انعام ڏنيون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. بادشاھ، هاريءَ کان پهريون سوال ڪهڙو ڪيو؟

ج: بادشاھ هاريءَ کان پهريون سوال ڪيو ته ”تون روز ڪيترو ڪمائيندو آهين“.

2. هاريءَ چئن روپين جو حساب ڪيئن ڪري ٻڌايو؟

ج: هاريءَ چيو: هڪ روپيو گهر ۾ خرچ ڪندو آهيان. ٻيو اوڌارو ڏيندو آهيان. ٽيون قرض ۾ ڏيندو آهيان ۽ چوٿون کوھ ۾ اُڇلائيندو آهيان.

3. هاريءَ کان بادشاھ ڪهڙو واعدو ورتو؟

ج: هاريءَ کان بادشاھ اهو واعدو ورتو ته اها ڳالھ ڪنهن ڪي بہ نہ ڪندين جيستائين منهنجو منهن هڪ سؤ دفعا نہ ڏسين.

4. انجام نہ پاڙڻ جي ڳالھ تي هاريءَ بادشاھ کي ڪهڙي طرح سمجهايو؟

ج: اَنجام نہ پاڙڻ جي ڳالھ تي هاريءَ بادشاھ کي سمجهايو ته حضور مون پنهنجو اَنجام پاڙيو آهي ۽ ٻڌائڻ کان پهريان مون اُوهان جو مُنهن هڪ سؤ دفعا گينين تي ڏٺو آهي.

### ج لفظن جي معنيٰ لکيو جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پيري | پوڙهائپ |
| جملو | والدين جي پيريءَ ۾ خدمت ڪرڻ گهرجي. |
| مطلب | مقصد |
| جملو | هاريءَ بادشاھ کي پنهنجي ڳالھ جو مقصد سمجهايو. |
| واعدو | اَنجام |
| جملو | بادشاھ هاريءَ کي چيو ته اِها ڳالھ واعدو ڪر ڪنهن سان بہ نہ ڪندين. |

| ورڻ | موٽڻ |
|---|---|
| جملو | بادشاھ ھاريءَ کي واعدو ڪرڻ لاءِ چيو ۽ پوئتي ورڻ لڳو. |
| داناءُ | هوشيار |
| جملو | ھر داناءَ ماڻھوءَ جي ھر ھنڌ عزت ھوندي آھي. |

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. ڳالھ ڪندا آھن تہ ھڪ بادشاھ شڪار ڪرڻ لاءِ جھنگ طرف ويو.
   (i) دعوت (ii) شڪار ڪرڻ ✓ (iii) جنگ ڪرڻ
2. ھاريءَ وراڻيو تہ آئون روزانو چار روپيہ ڪمائيندو آھيان.
   (i) بہ (ii) ٽي (iii) چار✓
3. بادشاھ ھاريءَ کان واعدو ورتو تہ اھا ڳالھ ڪنھن کي بہ نہ ڪندين جيستائين منھنجو منھن ھڪ سؤ دفعا نہ ڏسين.
   (i) ھڪ سؤ ✓ (ii) بہ سؤ (iii) ٽي سؤ
4. ٻئي ڏينھن تي بادشاھ پنھنجي دربار ۾ سيني وزيرن کي گھرايو.
   (i) ھارين (ii) فقيرن (iii) وزيرن ✓
5. بادشاھ ھاريءَ جي ڏاھپ ڏسي تمام گھڻو خوش ٿيو.
   (i) محنت (ii) ڏاھپ ✓ (iii) ھمت

## د ھيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اڳيان | پويان | حاڪم | غلام |
| پورو | اڌ | نادان | داناءُ |
| آزاد | قيد | امير | غريب |

# بهار

واڱي

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪَلي | مُکڙي | لات | ٻولي |
| ساڻائي | ڪمزوري | ڪومائجي | مرجهائجي |
| چوطرف | چؤڌاري | رعنائي | سينگار |
| بي ڊول | اُڍنگو | نِرالو | مختلف |
| ڍنگ | طريقو | توانائي | طاقت |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

آهي هر وات هي واڻي، بهار آئي، بهار آئي
ٽڙي هر هڪ ڪَلِي سائي، بهار آئي، بهار آئي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر نديم تصور بهار جي موسم جي آمد لاءِ ٻڌائيندي چوي ٿو ته بهار اچڻ جي ڪري هر ڪوئي خوش ٿو نظر اچي ۽ وڻ جي هر هڪ شاخ پڻ سر سبز ٿي وئي آهي.

**بيت:**

پکين جي لات ٻڌ پياري، ڪَرن گُلڙا بہ گفتاري
ختم سڀ جي ٿي ساڻائي، بهار آئي، بهار آئي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر نديم تصور بهار جي موسم جي

آمد لاءِ ٻڌائيندي چوي ٿو تہ بهار جي موسم اچڻ جي ڪري پکين جي پياري ٻولي ٻڌ، گُلڙا بہ پاڻ ۾ ڳالهائن ٿا ۽ سيني جي هيٺائي بہ ختم ٿي وئي آهي.

**بيت:**

جي گل ڪومائجي ويا ها، ڏسو هاڻي ڪلن ٿا پيا
آهي چؤطرف رعنائي، بهار آئي، بهار آئي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر نديم تصور چوي ٿو تہ بهار جي اچڻ سان ڪُومايل گل بہ خوشيءَ ۾ ڪِلن ٿا ۽ هر طرف خوشيءَ جو منظر آهي.

**بيت:**

ڇَڻي پَتا ويا ها سڀ، لڳن بي ڊول وڻ پيا سڀ
هاڻي خوش ٿي چون ٿا هي، بهار آئي، بهار آئي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر نديم تصور چوي ٿو تہ بهار کان پهريان جن وڻن جا پن ڇَڻي ويا هئا ۽ اهي وڻ ڏسڻ ۾ خراب پئي لڳا پر بهار جي اچڻ سان هاڻي ڏاڍا خوش پيا لڳن.

**بيت:**

نرالو قدرتي رنگ آ، هر موسم ۾ نئون ڍنگ آ
تصور سڀ جي توانائي، بهار آئي، بهار آئي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر نديم تصور چوي ٿو تہ اهو الله پاڪ جو عظيم نظام آهي تہ هر هڪ موسم جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي ۽ هر موسم جي هڪ الڳ خاصيت آهي، پر بهار جي موسم سيني کي وڻندي آهي.

# مشق

## ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هي نظم ڪهڙي موسم بابت لکيل آهي؟

ج. هي نظم بهار جي موسم بابت لکيل آهي.

2. بهار جي اچڻ سان ڪنهن جي ساڻائي ختم ٿي وئي آهي؟

ج. بهار جي اَچڻ سان سڀ جي ساڻائي ختم ٿي وئي آهي.

3. بَهار جي موسم ۾ پکي، گل ۽ وڻ ڪيئن پيا لڳن؟

ج. بهار جي موسم ۾ پکي، گل ۽ وڻ تمام سهڻا ۽ خوبصورت پيا لڳن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| وائي | ڳالھ |
| جملو | هميشه چڱي وائي ڪرڻ گهرجي. |
| گفتاري | ڳالھ ٻولھ |
| جملو | بهار جي موسم ۾ گُلڙا بہ گفتاري ڪندا آهن. |
| بي ڊول | اُڏنگو |
| جملو | سرءُ جي موسم ۾ هر وڻ بي ڊول نظر ايندو آهي. |
| ڪَلي | مُڪڙي |
| جملو | بهار جي موسم ۾ هر وڻ بي ڊول نظر ايندو آهي. |
| نرالو | عجيب |
| جملو | هر گُل جو رنگ نرالو آهي. |

## ج هن نظم مان هم آواز لفظ ڳولهي لکو: جيئن، وائي، سائي.

| | |
|---|---|
| رعنائي | توانائي |
| ساڻائي | آئي |

سبق 14

# گڏيل قومن جو ادارو



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نسل | حسب نسب | مقصد | ارادو |
| لاڳاپا | واسطا | پاڙ | بنياد |
| خودمختياري | آزادي | اپائڻ | پيدا ڪرڻ |
| مانُ | شان | اُسرندڙ | اُڀرندڙ |
| رڃائون | منصوبا | آفتن | عذابن |
| پرڏيهي | پرديسي | اگهه | ملهه |
| قيام | رهڻ | فراهم | دستياب |
| سهڪار | تعاون | جوڳي | مناسب |

## خلاصو

ٻي مهاڀاري جنگ 1939ع کان شروع ٿي ۽ 1945ع تائين جاري رهي. ان جنگ ۾ تمام گهڻو نقصان ٿيو. دنيا جڻ حيوانيت جو ثبوت پيش ڪري رهي هئي. اهڙي صورتحال ڪانپوءِ گڏيل قومن جي اداري قائم ڪرڻ جو احساس پيدا ٿيو ته جيئن ايندڙ نسل کي جنگ جي عذاب کان بچائجي. اهڙي طرح اهو ادارو، جنهن کي اقوام متحده جو نالو ڏئي 24 آڪٽوبر 1945ع تي قائم ڪيو ويو.

اقوام متحده جا هي مقصد هئا:

(1) بين الاقوامي امن ۽ سلامتي قائم ڪرڻ.

(2) قومن جي وچ ۾ دوستاڻا ناتا جوڙڻ.

(3) دنيا مان غريبي، جهالت ۽ بيماري ختم ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي حقن ۽ آزاديءَ جو احترام ڪرڻ.

(4) انهن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ قومن طرفان ورتل اپائن ۾ ميلاپ قائم ڪرڻ لاءِ مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ.

هر ڪو امن پسند ملڪ گڏيل قومن جو ميمبر ٿي سگهي ٿو. گڏيل قومن جا ڇهه بنيادي ادارا آهن.

(1) جنرل اسيمبلي (2) سلامتي ڪائونسل

(3) اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل

(4) نگران ڪائونسل (5) انصاف جي عالمي عدالت

(6) سيڪريٽريٽ

ان کان علاوه گڏيل قومن جا مخصوص ادارا انسان ذات جون تمام گهڻيون ۽ اهم خدمتون ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪجهه مشهور ادارا هي آهن.

(1) صحت جو عالمي ادارو (2) ٻارن جو عالمي فنڊ

(3) تعليمي، سائنسي ۽ ثقافتي ادارو

(4) بين الاقوامي مالياتي فنڊ

(5) خوراڪ ۽ زراعت جو ادارو (6) عالمي بئنڪ

هنن ادارن ذريعي گڏيل قومن جو ادارو ميمبر ملڪ جي ترقيءَ ۾ هميشه سهڪار ڪندو رهي ٿو. هنن ادارن اسرندڙ ملڪن جي ترقي ڪرڻ ۾ جوڳي مدد ڪئي آهي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڳڏيل قومن جو ادارو ڇو قائم ڪيو ويو؟

ج. ڳڏيل قومن جي اِداري جي ضرورت ٻي مهاڀارت لڙائيءَ کان پوءِ پيش آئي، ته ڪوئي اهڙو ادارو هجي، جيڪو اِيندڙ نسلن کي جنگ جي عذاب کان بچائي، ان ڪري ڳڏيل قومن جو ادارو قائم ڪيو ويو.

2. عالمي بئنڪ جو قيام ڪڏهن ٿيو؟

ج. عالمي بئنڪ جو قيام 1945 ۾ ٿيو.

3. اقوام متحده جا مخصوص ڇهه ادارا ڪهڙا آهن؟

ج. اَقوام متحده جا مخصوص ڇهه ادارا هي آهن. (i) جنرل اسيمبلي (ii) سلامتي ڪائونسل (iii) اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل (iv) نگران ڪائونسل (v) انصاف جي عالمي عدالت (vi) سيڪريٽريٽ.

4. بين الاقوامي مالياتي فنڊ ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟

ج. بين الاقوامي مالياتي فنڊ هڪ ملڪ جي سڪي کي ٻئي ملڪ جي سڪي ۾ مٽائڻ جي ڪم ۾ هي ادارو مدد ڪندو رهندو آهي. سندس ذميواري اِها آهي ته مٽاسٽا جا اگهه صحيح ڪري.

5. ڳڏيل قومن جو ادارو ڪڏهن قائم ٿيو؟

ج. ڳڏيل قومن جو ادارو 24 آڪٽوبر 1945ع ۾ قائم ٿيو.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ڳڏيل قومن جي اداري جي ضرورت __ٻي مهاڀاري__ لڙائيءَ کان پوءِ پيش آئي.
2. اقوام متحده جي سيني __ميمبر ملڪن__ تي لازم آهي ته اُهي هڪٻئي جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو احترام ڪن.
3. ڳڏيل قومن جا بنيادي __ڇهه__ ادارا آهن.
4. هن جو بنيادي مقصد __اُستادن__ جا مرڪز دنيا جي اهم ملڪن ۾ قائم ڪرڻ آهي.
5. عالمي بئنڪ جو قيام __1945ع__ ۾ عمل ۾ آيو.

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اسرندڙ | وڌندڙ |
| جملو | پاڪستان هاڻي اُسرندڙ ملڪ بڻجي رهيو آهي. |
| پيداوار | اُپت |
| جملو | ٻيلن جي پيداوار ۾ گهٽتائي اَچي رهي آهي. |
| سهڪار | مدد |
| جملو | گڏيل قومن جو ادارو هر ملڪ سان سهڪار ڪندو آهي. |
| عذاب | ڏمر |
| جملو | گناهن جي ڪري اَللهُ تعاليٰ جو عذاب نازل ٿيندو آهي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مارڻ | جيارڻ | گڏيل | الڳ |
| خاص | عام | غلام | حاڪم |
| اميري | غريبي | ترقي | تنزلي |

سبق 15

# نظارا وطن جا









## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڌرتي | زمين | وطن | ديس، ملڪ |
| نظارا | ڏيک، منظر | ساوڪ | سرسبزي |
| محبت | پيار | اخوت | ڀائيچارو |
| قرب | پيار، سِڪ | سهارا | آسرا |
| باغبان | باغ سنڀاليندڙ | چمن | باغ |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

هي ڌرتي بہ پياري ۽ ماڻهو بہ پيارا
وڻن ٿا اسان کي وطن جا نظارا

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ اسان جي ملڪ جي ڌرتي ۽ ماڻهو بئي پيارا آهن ۽ اسان کي وطن جا منظر پيارا ٿا لڳن.

**بيت:**

وڻا مينهن تر تي ٿي ساوڪ پئي آ
ٻُڌو ڪوڪ ڪوئل وڻن مان ڪئي آ